غلام مصطفيٰ سولنگي

# اسماعيلي پرچارڪ ۽ سنڌي ادب

# ISMAILI PREACHERS AND SINDHI LITERATURE


## Abstract

Ismailis flourished in Baghdad during the days of Abbasid Caliphate and preached their religious thoughts and ideology amongst the masses mainly that of Iraq. Since their beliefs and practices were poles apart form that of Abbasids, the Ismailis suffered badly at the hands of Abbasids, who were succeeded to drive them out of Iraq.

After wards, Ismailis settled down in the Saleemah (City of present Syria) and sent their missionaries in Arab Penisula, Egypt, Iran and Sindh. During the Soomra regime (1050 A.D - 1351 A.D) in Sindh, a number of Ismaili missionaries arrived here and commenced the preach of their own version of religious ideology. Amongst them, Syed Noor-u-ddin, Pir Shams-u-ddin Sabzwari, Pir Saddar-u-ddin, Pir Hassan Kabir-u-ddin and Pir Taj-u-ddin alias Shah Turail stand at the top. They all richly contributed in the newly- introduced style of poetry called ‘Ginan’, whos poetic structure closely matches with Sindhi Kafi. The Ginan repleted with the subjects like, worship of God - head, mysticism, spiritualism and ethics, was greatly utilized by Ismailis for the very purpose of spreading out their religious ideas mainly in the southern parts of Sindh. Ginans, without saying, form a dominant portion of early Sindhi poetry and are still sung in the Jamait khanas of Ismailis in Sindh. Besides, Pir Saddar-u-ddin invented a new alphabet named Khwajki Sindhi, consisting of 40 letters and thus called Chaleeh Akhri -a unique experience in Sindhi alphabet making.


حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام جي وفات کان پوءِ شيعا ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ويا. هڪ ٽولي حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جي هٿ تي بيعت ڪري کيس پنهنجو امام مڃيو ”جنهن کي حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام

پنهنجي وڏي فرزند حضرت اسماعيل عليہ السلام جي وفات کان پوءِ پنهنجو جانشين مقرر ڪيو هو" (1) جڏهن تہ ٻئي ٽولي حضرت اسماعيل عليہ السلام جي فرزند حضرت محمد المڪتوب جي بيعت ڪئي ۽ "اهڙيءَ طرح هيءُ ٽولو حضرت اسماعيل عليہ السلام جي نسبت سان اسماعيلي سڏجڻ لڳو". (2)

هوئنئن تہ اسماعيلين جون ڪيترين ئي شاخون آهن پر سندن هينيون پنج شاخون عام آهن: (1) فاطمي (2) قرطمي (3) دورزي (4) مستعلي (5) نزاري

ان ڪان سواءِ کين باطني بہ سڏيو ويندو آهي. اِهوان ڪري جو سندن عقيدو آهي تہ "قرآن جو ظاهر بہ آهي ۽ باطن بہ" (3) "اسماعيلي قرآن جي باطن تي عمل ڪندا آهن." (4) اسماعيلين جو خيال آهي تہ هر هڪ شرعي ڪم جو مقصد باطن آهي ۽ نہ ڪي ظاهر. مثال طور "روزي جو باطن هيءُ آهي تہ مذهب کي ڳُجهو رکيو وڃي؛ حج جو باطن امام وٽ پهچڻ آهي ۽ نماز جو باطن امام جي فرمانبرداري آهي." (5) وڏيڪ سندن چوڻ آهي "هر ظاهر جو باطن آهي ۽ اِهو باطن انهيءَ باطن جو مظهر آهي ۽ ڪو بہ اهڙو ظاهر ڪونهي، جنهن جو باطن نہ هجي. الله تعاليٰ ظاهر ۽ باطن پيدا ڪيا آهن. عالم باطن، عالمِ ارواح و نفس ۽ عقل آهي ۽ عالم اجسام علوي و سفلي ۽ اعراض آهن. امام، عالمِ باطن جو حاڪم هوندو آهي. ڪنهن جي بہ، بغير امام جي تعليم ۽ تربيت ڪان سواءِ عالمِ بالا تائين رسائي نہ ٿي ٿي سگهي. نبي، عالمِ ظاهر ۽ شريعت جو حاڪم هوندو آهي، تنهن ڪري بني نوع انسان سندس هدايت جا محتاج هوندا آهن." (6)

اسماعيلين جي اهڙي قسم جي تعليم ۽ عقيدا عباسي خليفن کي پاڻ ۽ نہ پيا ۽ سندن خوف ۽ شڪ ۾ واڌارو ٿيو. اِن ڪري عباسي خليفن اسماعيلين تي ڪَرڙي نظر رکڻ شروع ڪئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اسماعيلين سان عباسي خليفا ڏاڍو ظالماڻو ورتاءُ ڪندا هُئا.

عباسي خليفن جي اهڙيءَ سخت هلت ۽ قتل جي ڌمڪين ڪان ڊڄندي حضرت محمد المڪتوب جي پوٽي حضرت محمد الحبيب "جنهن کي احمد ۽ محمد بہ سڏيو ويندو آهي." (7) بغداد ڇڏي شام جو شهر سليما وڃي وسايو. هتي کيس پنهنجي فرقي جي تبليغ لاءِ آزادي ملي. ان ڪري ٿوري ئي عرصي اندر ڪيترائي ماڻهو پنهنجي دائري ۾ داخل ڪري ورتائين ۽ گڏوگڏ ڪيترا ئي داعي اسماعيلي فرقي جي دعوت لاءِ مسلمان ملڪن ڏانهن موڪليائين. هڪ داعي تبليغ جي مقصد سان سنڌ ۾ بہ آيو، جنهن جو نالو عبدالله ابن عمر هباري رحہ ڄاڻايو ويو آهي، جنهن کي نزهت الافڪار ۾ هيثم بہ سڏيو ويو آهي. ابو ظفر ندويءَ مطابق "هيثم سنڌ ۾ اسماعيلي فرقي جو پهريون داعي هو، جيڪو سن 270هہ ۾ سليما ڪان هتي اچي پهتو هو." (8) هيثم ڪان پوءِ ڪيترا ئي اسماعيلي داعي سنڌ ۾ آيا ۽ ٿورن

ئي سالن ۾ چڱو خاصو ڏاڪو ڄمائي ورتائون. ايتري تائين جو سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿي ويا. هيثم فاطمي خليفي ”المعز“ جو پروسي جهڙو ماڻهو هو، ان ڪري سنڌ جي حڪومت جون واڳون ڪيس ئي سونپي ڇڏيائين.

خليفي المعز جي وفات 365هه بمطابق 975ع ۾ ٿي. ان کان پوءِ سندس فرزند عزيز باالله کي منصبِ خلافت تي ويهاريو ويو. اچڻ سان ئي عزيز باالله ”هيثم“ کي معزول ڪري حليم ابن شيبان کي سنڌ جو حڪمران بڻايو.“ (9) حليم ابن شيبان سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ مذهبي تبليغ جو ڪم زور شور سان شروع ڪري ڏنو ۽ پر پاسي جي هندو راجائن سان به لڳ لاڳاپا وڌايا.“ (10)

اسماعيلين جي ٻي مکيه شاخ دروزي آهي. دروزين جي سنڌ ۾ حڪومت جي باري ۾ ابو ظفر ندوي لکي ٿو: ”دروزين جو امام (محمد بن اسماعيل) سلطان محمود غزنويءَ ۽ سلطان مسعود جو همعصر هو. سلطان محمود جڏهن حلم ابن شيبان جي خاندان جي آخري والي ابوالفتح دائود ابن نصير ابن حميد ملتانيءَ کي شزني وٺي ويو ۽ اُتي ئي قيد ڪري ڇڏيو هو ته پوءِ سلطان محمود جي وفات کان پوءِ سلطان مسعود انهيءَ خاندان جي ماڻهن کي جيڪي باقي جيئرا بچيا هئا، آزاد ڪري ڇڏيو. واپس ملتان پهچڻ تي هنن ٻيهر حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ هٿ پير هَلايا. انهن مان ابوالفتح دائود جو ڏوهٽو عبدالله سيني ۾ اڳرو هو مگر فاطمي اسماعيلين ۾ حڪومت ۽ مذهبي عهدو امام جي موڪل کان سواءِ ڪير به حاصل نه ٿي ڪري سگهيو، تنهن ڪري عبدالله جي ڪوشش سنڌ جي اسماعيلين جي مرضيءَ جي خلاف هئي. ٻئي پاسي انهيءَ وقت مصر ۾ فاطمي خليفو عزيز خليفي الحاڪم جي پيدا ڪيل سياسي ۽ مذهبي مسئلن ۾ اُلجهيل هو، تنهن ڪري موقعي جو فائدو وٺندي دروزين جي امام سنڌ جي سومرا قوم (قبيلي) جي سردار کي شيخ جو لقب ڏئي هڪ خط لکيو.“ (11) ان خط ۾ کيس سنڌ تي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ پڙڪايو ويو هو. خط ملڻ کان پوءِ ”سومرا ويهارو سال کن ڪوشش ڪندا رهيا ۽ آخر ڪار سُلطان عبدالرشيد جي زماني ۾ سن 421هه ڌاري سنڌ تي حڪومت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ سومر نالي هڪ سومري کي حڪمران بنايائون“ (12) ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتي.

## اسماعيلي پرچارڪ ۽ سنڌي ادب :

سومرن جي دور ۾ ڪيترا ئي اسماعيلي مُبلغ سنڌ ۾ آيا هئا تن مان مُکيه مبلغن جو ذڪر ۽ سندن ادبي خدمتن جي حوالي سان هيٺ تفصيلي بحث ڪجي ٿو.

**سيد نورالدين:**

سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ اسماعيلين ۾ سخت مذهبي

اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ نتيجي ۾ هڪ ٻي شاخ وجود ۾ آئي ”جنهن کي نزاري چيو ويجي ٿو.“ (13) انهن اختلافن جي ڪري نزارين پنهنجي تبليغ جو مرڪز مصر مان مُنتقل ڪري ايران ۾ آندو، جتان سيد نورالدين اسماعيلي فرقي جي ارڙهين امام المستنصر باالله جي حڪم تي سن 1079ع ۾ سنڌ ۾ آيو.“ (14)

سيد سڳورو اچڻ سان ئي پاڻ کي سنڌ ۽ گجرات ۾ ”سيدالسادات ۽ ستگر نور جي لقبن سان سڏائڻ لڳو.“ (15) هن بزرگ ٿوري ئي عرصي ۾ مقامي ٻوليون جهڙوڪ: هندي، گجراتي، سرائڪي، ڪڇي ۽ لاڙي سکي ورتيون ۽ کين پنهنجي تبليغ جو ذريعو بنايو ۽ ”پنهنجي مسلڪ جو نالو ست پنٿ رکيائين.“ (16) ڏسندي ئي ڏسندي ڪيترا ئي غير مسلم سندس تعليمات کان متاثر ٿي مسلمان ٿيڻ لڳا. ”انهن نو مسلمن کي مذهب جا عقيدا ۽ اُصول سيکارڻ لاءِ هڪ خاص نظم يعني ڳِنان متعارف ڪرايو.“ (17) نہ فقط اهو پر ”پنهنجي ڳنانن کي ڳائڻ جو رواج بہ وڌائين.“ (18) سيد نورالدين پنهنجي ڪلام ۾ سنڌيءَ، هنديءَ ۽ گجراتيءَ جا لفظ استعمال ڪيا آهن. سندس ڪلام جو نمونو جيڪو هٿ اچي سگهيو آهي، سو هيءُ آهي:

بــن علمــي بنــدگي ڪري
تــون بــندگــي سـجــي ســار
جيــون نـــت اٺ راهــ چلڻا
آخــــر اُجــــڙ واس (19)

ٻگــهہ هنــس ٻي ٻتــونــترا ڏسي ايڪ ورڻ
ٻگهہ چري من مـانيـو، هـنس مـوتـي چـرن (20)

هن دوهي ۾ سنڌي زبان جو هڪ بہ اکر مَس آيل آهي، باقي سمورا لفظ گجراتي ٻوليءَ جا استعمال ڪيا ويا آهن.

**پير شمس الدين سبزواري:**

اسماعيلي نزارين جي 29هين امام قاسم شاهہ جي حڪم تي پير شمس الدين سبزواري مبلغ جي حيثيت سان سن 675هہ بمطابق 1174ع ۾ هتي آيو ۽ تبليغ ۾ مشغول ٿي ويو. ”پنجاب ۽ سنڌ جي لوهاڻن سندس مُريدي قبول ڪئي.“ (21) تبليغ جي مقصد خاطر هن امام قاسم شاهہ جي واکاڻ ۾ اناويهہ ڀڄن ناهيا هئا، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

مانو قاسم شاهہ نور نبي ري غافلو، آل امام ڪل مـانهيـن
تيني ڪلاٿي اي او يـاري غـافـلـو اي پـيـر شـمـس سوهـي
مــــاٿــــون پٽــــر ســـون شـــون هـنـــــوري هـــــندو
ڪــيڪ نگري مـــان رهـــي ڇُـپـــــي ري هـــــندو

اوڙڪونر قاسم شاهه اوتار
تي صاحب در داتا
گربي چي ڪائين جوتو ديو
پواني چي ڪهان ري بول؟
گربي کي ديو ڪجهه جوتي نهين
پواني ڪا پتا ڪهان هي؟ (22)

پير شمس الدين سبزواري پنهنجيءَ اسماعيلي تبليغ ۾ وڏيءَ حد تائين ڪامياب ويو. مُلتان ۾ پنهنجي مُريدن جو هڪ وڏو حلقو بنائي پوءِ هُو ”ديبل پهتو جتي هزارن جي انگ ۾ سنڌي سندس مُريد ٿيا.“ (23) ”تن ڏينهن ۾ شهزادو سُلطان محمد مُلتان ۽ سنڌ جو حاڪم هو.“ (24) سنڌ ۾ ترسڻ دوران هن سنڌيءَ ۾ به ڪلام چيو، جنهن ۾ مُلتانيءَ جا لفظ به استعمال ڪيا اٿائين. سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هِن ريت آهي:

رب تون رحمان تون
يا علي اول آخر قاضي تون ئي تون
حق تون، پاڪ تون، بادشاهه
مهربان پلي يا علي تون ئي تون (25)

ڪجهه عرصو سنڌ ۾ رهڻ کان پوءِ پير شمس الدين سبزواري واپس مُلتان موٽي آيو، جتي شمسي مت جي پڇنن جو پرچار ڪرڻ لڳو. جيئن هڪڙي پڇن ۾ چوي ٿو:

من ميرا مُصلي اور الله ميرا قاضي
ڪايا هماري مسيتيان
اندر بيٺ مين نماز گذارون
مورک ڪيا جاني طاعت هماري (26)

پنهنجي عمر جو خاصو حصو دعوت ۽ تبليغ ۾ گذاري پير صاحب سن 757هه ڌاري مُلتان ۾ وفات ڪئي. سندس روضو مُلتان شهر منجهه ئي آهي.

**پير صدرالدين:**

سن 771هه ۾ امام قاسم شاهه وفات ڪئي ۽ سندس فرزند اسلام شاهه ايران ۾ گادي نشين ٿيو. امام اسلام شاهه پنهنجي پاران پير صدرالدين کي وصي محمد جو لقب ڏئي سنڌ ڏانهن دعوت ۽ تبليغ لاءِ روانو ڪيو. ”پير صدرالدين سن 700هه ۾ سبزوار ۾ پيدا ٿيو هو . سندس والده ماجده جو نالو نورفاطمه بنت سيد ابراهيم هو .“ (27) پير صاحب جو حسب نسب حضرت علي ڪرم الله وجهه جن سان وڃي ملي ٿو. سندن

شجرو هن طرح آهي. ”پير صدرالدين بن شهاب الدين بن سيد نصيرالدين بن سيد شمس الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد اسلام الدين بن سيد مومن شاهہ بن سيد خالدالدين بن سيد مشتاق الدين بن سيد احمد بن سيد هاشم بن سيد مسافر بن سيد امام الدين بن سيد محمد بن سيد ناوامامنا اسماعيل بن امام جعفر الصادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين بن امام حسين عليہ السلام بن حضرت علي عليہ السلام. (28)

پير صدرالدين پنجاب، ڪشمير ۽ سنڌ ۾ تبليغ ڪندو رهيو ۽ سندس دعوت کان متاثر ٿي ڪيترا ئي غير مسلم مسلمان ٿيڻ لڳا، جن کي خواجا جو لقب ڏنو ويو.“ (29) ”هندستان ۾ ڪجھ عرصو رهڻ ڪري هندو ڌرم جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو هُئائين.“ (30) هندن سان ايترو تہ رلي ملي ويو جو ”پاڻ تي هندو نالو رکيائين ۽ هندو ڌرم جي مناسبت تي هڪڙو ڪتاب دسا اوتار يعني ڏهہ اوتار لکي ورتائين جنهن کي شروعات کان ئي خوجا آسماني ڪتاب مڃڻ لڳا. هن ڪتاب ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي ”برها“ ، حضرت علي ڪرم الله وجههٗ کي ”وشنو“ ۽ حضرت آدم عليہ السلام کي ”شيو“ ڏيکاريل آهي.“(31)

”پير صدرالدين سومرن جي حڪومت جو پويون اڌ ۽ سمن جي حڪومت جو پهريون اڌ ڏٺو. سنڌ ۾ سندس دعوت جو مرڪز ڪوٽڙي الله رکيو شاهہ (هاٽوڪو تعلقو گهوڙا ٻاري) هو، جتان پاڻ ڪڇ، گجرات ۽ مُلتان طرف ويندو هو.“، ” پنهنجي عمر جو ڪافي حصو دعوت ۽ تبليغ ۾ گذاري، سن 819هہ ۾ وفات ڪيائين، سندس مزار اُچ شريف جي پرسان آهي.“ (33)

**پير صدرالدين جون علمي ۽ ادبي خدمتون:**

پير صدرالدين وڏو عالم ۽ فاضل هو. سندس علمي لياقتن جي ڪري ڪيترائي هندو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۾ اچڻ کان سُتت ئي پوءِ ڪيترين ئي ٻولين جهڙوڪ: سنڌي، هندي، گجراتي، لاڙي، سرائڪي، سنسڪرت وغيرهہ سکي ورتيون هُئائين. ان ڪري کيس تبليغ ڪرڻ ۾ سهولت رهندي هئي. پير صدرالدين نہ فقط وڏو پارکو هو، پر اعليٰ پايي جو شاعر پڻ هو. ”سندس ڪلام سنڌي (ڪڇي ۽ لاڙي لهجن) گجراتيءَ، سرائڪيءَ (مُلتاني لهجي) ۽ هنديءَ ۾ ملي ٿو.“ (34) پنهنجي ڪلام ذريعي نومسلمن (خواجن) کي اسلامي عقيدا ۽ اُصول سيکاريندو هو. ”سندس ڪلام کي گِنان چيو ويندو آهي ۽ سندس گنانن جي هيئت سنڌي ڪافيءَ جهڙي آهي.“ (35) ”سندس هر ڪلام جي شروعات هڪ مصرع واري ٿلهہ سان ٿئي ٿي. ٿلهہ کان پوءِ هر بند ۾ دوهي وانگر بہ مصراعون آهن. هر بند کان پوءِ ٿلهہ وراڻيءَ طور وري چيو ويو آهي. هن بزرگ جي ڪلام جو دارومدار راڳداريءَ تي آهي.

جماعت خانن ۾ سندس ڪلام توڙي ٻين بزرگن جو ڪلام باقاعدگيءَ سان ڳايو ويندو آهي.“ (36) سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

**گِنان پهريون**

(اي جي) اُٺي الله نه گهُرين بندا ، تون سُتين سڄي رات
نَڪا جهوري جيوَ جي (ٻانها) نڪو ثمر سات
شاهه جو ميڄئڙو، تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن
صبوحڙي نه جاڳن، تني کي حورون نه ڏين هَٿَ
سي هاءِ هاءِ ڪندا هٿ هٽندا، جيئن هاريءَ وِڃائي وَٿَ
شاهه جو ميڄئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن
ٻانها تون جو تڪيو (يار) جڏين سُتو لوڪ
تِني پاهنجو ڪَتي وڏو ڳچيءَ ڳاڙهو ٽوڪ
شاهه جو ميڄئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن
جيڙو ني تيڙو اگهيو (يار) هوند ڪتيائين
پوءِ سُياڻي سرتين وچ ملي مرڪيائين
شاهه جو ميڄئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن
ڪوتا منڊپ ماڙيون گهر گهوڙا ٻندار
ڪين نه نيا پاڻ سين جيو چلنتي وار
شاهه جو ميڄئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن
ٻُڌي پير صدرالدين آئين سُڻو مومن وِيرَ
الک چُتو تن کي جي سُڄاتو شاهه پير
شاهه جو ميڄئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن (37)

**گِنان ٻيون**

ڀائر ڀاڳا مَر تَڙو (اَئين) مَر ٻوليو اڙپ
هن شاهه جي پيار ٿي، تَڙ وڃوتي لڄ
سڻ وٽجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو ٿو جهولي

يار چڪي ڪڙوي وَلِ
تاتو جي جيوَ جو جوکو نه ٿئي
سڻ وٽجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو ٿو جهولي

ڪچي ماپي مَئينڏڙا يار! ڪوڙي تولي ڏين
هي تني جي وڪرڙي، ٻڏي سا سائين

سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو تو جهولي

پڪي ماپي مئينڏڙا پوري تولي ڏين
هي تني جي وکرڙي، صحي سلامت نين
سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو تو جهولي

تون وڻجارو ويرا لئي ،اچا وڻج ڪريج
تون ني کين کي مَر ڏوتيئين، پاڻ ڏوتائيج
سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو تو جهولي

تون وڻجارو ميدني ڪوتا تو اڏائيئين
صحي سيوڙو ساٿڙو سات نہ سنياريئين
سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو تو جهولي

ڪيڙيون اڏائيئين گڏ، ماڙيون (تين تي) ڪيڙا پائيئين چِٽَ
نيئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾ متان لَتون (ني) ڏيندي مِٽَ
سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو تو جُهولي

تانگي متي تُرهو، تاڻي تو نہ ٻڌو
جڏين ني لهرئين لوڙيو، تڏين تو سنيارئين
سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو تو جهولي

ٻيڙي (ني) ڀوئي تڙ تي، علي سڌ ڪندي
گهر ڀريو تو جي ڀانڊئي، سيئي نہ هلندي سات
سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو تو جهولي

نو واتا نرکي، ڏهون تون ساري ڏيج
تون (ني) تو جي ايمان سين، صحيح سلامت ڏيج
سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو تو جهولي

روڙو (ني) گڏ امراپوري پائر پاڳا پير
ٻار ڪروڙئين شاهہ نزار چڙهي، صحي چاڙو صدرالدين
سڻ وڻجارڙا (هو) يار! هي من هروئڙو توجهولي (38)

اِنهن گنانن ۾ تصوف ۽ روحانيت جو چڱو خاصو عنصر موجود آهي. گڏوگڏ دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر پڻ ڪيل آهي. ان کان سواءِ پاڻ ڪوڙ، ڪُپت، ٻيائيءَ

ڪي دل مان ڪڍڻ ۽ نفس جي غلاميءَ کان بچڻ جي هدايت ڪئي اٿائين ۽ پنهنجي زندگي خدا پاڪ جي بندگيءَ ۾ گذارڻ جو فرمايو اٿس.

**خواجڪي سنڌي صورتخطي:**

پير صدرالدين نو مسلمن کي ديني اُصول لکي ڏيڻ خاطر هڪ نئين صورتخطي اِيجاد ڪئي، جيڪا چاليهن اکرن تي ٻڌل آهي. ان ڪري ان کي چاليهه اکري يا خواجڪي سنڌي چيو ويندو آهي. ”ان رسم الخط جو هڪ ڇاپ خانو به هو، جنهن کي سنڌي پريس چيو ويندو هو.“ (39) اهو رسم الخط سنڌ، گجرات ۽ پنجاب تائين اسماعيلين ۾ رائج ٿي ويو. سيني پيرن جا گِنان هن صورتخطيءَ ۾ لکيا ويا. هي رسم الخط اڄ به خواجا جماعت ۾ رائج آهي.“ (40)

**پير حسن ڪبيرالدين:**

پير حسن ڪبير الدين پير صدرالدين جو وڏو پٽ هو. سندس ڄَم سن 742هه ۾ ٿيو ۽ وفات جي تاريخ سن 853 هجري آهي. تبليغ خاطر ملتاني، سنڌي، ڪڇي ۽ گجراتي ٻولين ۾ سندس ٿورڙو ڪلام موجود آهي. سندس ڪلام مان به بند ڏجن ٿا:

آشا جي شري اسلام شاهه تختيج بينا
تاري دين هو الرحمان جي
سر بند لئي منڪي ديد ها
تاري سر اگهاڙ ڪرند بينا (41)

ترجمو: جڏهن کان حضرت اسلام شاهه تخت تي وينو، تڏهن کان ڏٽيءَ جي دين جو فرض جاري ٿيو. (پير ڪبيرالدين) جڏهن امام کي پڳ نذرانو ڪئي تڏهن پاڻ مرد مٿو اُگهاڙو ڪيو وينو هو.

ناريون تمهاريون آنتي گهٽيون
منجهه سريڪيون لاکو ئي لاک
تمهين هئه الک نرنجن
هم چيئي درڙي خاڪ (42)

ترجمو: تنهنجون ٻانهيون ته تمام گهڻيون آهن؛ مون جهڙيون ته لکن جي تعداد ۾ آهن. تون ڏسڻ کان پاڪ آهين ۽ آئون ته خاڪ آهيان.

پهرئين بند ۾ سر اُگهاڙي وارو محاورو سنڌيءَ جو آهي ۽ ٻئي بند ۾ ’گهڻيون‘ ۽ ’منجهه‘ به سنڌي لفظ آهن. ٻئي بند جي پهرين ٻن مصراعن وارو مضمون حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه هن طرح بيان فرمايو آهي:

تـــو وَر وهـــون ڪـــيـــتـــريـــون
مـــون وَرُ تـــون ئـــي تـــون (43)

### پير تاج الدين عرف شاهه طريل

پير تاج الدين عرف شاهه طُريل پير صدرالدين جو ٽيون نمبر فرزند هو. ”پاڻ سمن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ تبليغ ڪندو هو. سندس تبليغ جو مرڪز ڍنڍيءَ جو شهر هو.“ (44) اسماعيلي فرقي جي تبليغ لاءِ گِنان کي ذريعو بنايائين. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڏيئي گرڪي واچاهه هي جي ٿر نـہ رهـيـٺـا
تـن سـاڻ ڪـهـيـٺـا نـہ ڪـيـجـي
گنان نـہ ريجهن، گُرجي وائڪي نـہ پـورا
ڪـيـا ڪـرٽـا اُس ڪـا جـيـئـا
ورڻ ڇـتـريـس، سـر ٻـيـتـالـي پـاڪـيـا
ٻـيـرا ڪـانـي، نـہ سـٺـن
انڌلي ڪون نظر ، (يـارا) چـنـدر نـہ آوي
ڪـهـيـٺـا تـوءِ نـہ پـتـيـجـي
نِـس آنـڌاري ،گـر چـانـد روڙي هـئـڙا
جـــوت آهـــي گُـــر ڏيـــوو
هـيـٺـي وڪـري سُـون وٽـج نـہ ڪـيـجـي
ڪـيـا لـيـجـي (نـي) ڪـيـا ڏيـجـي
ماٽـڪ چـوڙي جي، وجـي ڪـچ وٽـجـن
تـن سـاڻ وٽـج نـہ ڪـيـجـي
ماٽـڪ پـرڪـي هـي جي، مـاٽـڪ وٽـجـن
مـاٽـڪ تِـس چُـٽـي لـيـجـي
گـهـر سـر واڌايـون مـولا تـخـتـيـج ٻـيـنـا
واري ڪـيـرو پـرڪ سـريـوو
پـرڪ پـاچـمـي ،مـولا تـخـتـيـج ٻـيـنـا
واري ڪـيـرو مـرد سـريـوو
ٻوليا پير شـاهـہ تـاج الـديـن ڪـي امـايـو
قـل سـچـا (يـار) مـومـن لـيـجـو (45)

پير صاحب جي شاعريءَ تي گجراتي ٻوليءَ جو وڏو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**گنان تي هڪ متاچري نظر:**

”سڀ کان پهريان پير صدرالدين پنهنجي تبليغي ڪلام کي گِنان جو نالو ڏنو، جيڪو گيان جي بدليل صورت آهي.“ (46) ”گنان هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن کي سنگيت وديا يا راڳداريءَ موجب ڪافيءَ جي صنف چئي سگهجي ٿو.“ (47) ”گنان مسلسل نظم آهن، جن ۾ هر بند دوهي جي ستاءَ جهڙو آهي ۽ اهڙا ڪيترا ئي بند گِنان ۾ ٿين ٿا. شروع ۾ وراڻي ٿئي ٿي، جيڪا هر بند کان پوءِ وري وري دهرائجي ٿي. وائيءَ جي بناوت به لڳ ڀڳ هن قسم جي نظم جهڙي آهي. ان مان پائنجي ٿو ته سنڌ ۾ وائيءَ جي ستا جهڙي صنف موجود هئي.“ (48)

اسماعيلي مبلغن پنهنجن گنانن ۾ گهڻو تڻو ڪڇي ۽ لاڙي لهجو استعمال ڪيو آهي. سندن ڪلام ۾ تي، جي ۽ سون لفظ گرامر جي لحاظ کان به انوکا آهن. مثال طور:

**ست پنٿي تي جي ست سون رهي برو نه راکي من**

هن مصرع ۾ تي 7 جي لفظ ظرف طور ڪم آيا آهن. ”ساڳيءَ طرح ’سون‘ لفظ حرف جر (سان) طور ڪم آندو ويو آهي. پهريان ٻئي تي ۽ جي ساڳيءَ ترڪيب سان گهڻو پوءِ شاهه لطيف رحه جي ڪلام ۾ به نظر اچن ٿا.“ (49) مثال طور:

**اچيو آتڻ واريون طعني ڏينم تي**

اسماعيلي مبلغن جي گنان ۾ ’سان‘ حرف جر جي بدران ’سون‘ لفظ حرف جر طور ڪم آندو ويو آهي. ”ممڪن آهي ته هن خِطي ۾ 800 يا 1000 ورهيه اڳ ’سان‘ جي بدران سون حرف جر طور ڪم ايندو هجي.“ (50)

مضمون جي لحاظ کان گنان ۾ مذهبي تعليم، اخلاقي سکيا ۽ دنيا جي فاني هجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ گنانن ۾ تصوف ۽ روحانيت جا اُصول ۽ طريقا به سيکاريا ويا آهن. ان ڪري جو ”اسماعيلي مبلغ صوفي هئا.“ (51) اِنهيءَ کان سواءِ ”عاشقاڻو مضمون بيان ڪندي عورت جي روپ ۾ سالڪ بنجي محبوب لاءِ ورلاپ ڪيا اٿن.“ (52)

**حوالا:**


1. پٺي، سرفراز احمد ڊاڪٽر – مقالو: اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو – مقالا مخزن – سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو فيبروري 1988ع
2. ساڳيو، ص 181
3. ساڳيو، ص 181
4. ساڳيو، ص 182
5. ساڳيو، ص 182

6. ساڳيو، ص 183
7. ساڳيو، ص 183
8. ندوي ابو ظفر – 'تاريخ سنڌ' – اعظم ڳڙهہ – 1947ع – ص: 191
9. پٺاڻ، سرفراز احمد ڊاڪٽر – مقالو:_ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو فيبروري 1988ع
10. ساڳيو، ص 172
11. ندوي ابو ظفر – "تاريخ سنڌ" – اعظم ڳڙهہ – 1947ع – ص: 28
12. ندوي، سيد سُليمان _ عرب و هند ڪي تعلقات _ الله آباد _ 29 _ 1928ع _ ص 362
13. پٺاڻ، سرفراز احمد ڊاڪٽر – مقالو:_ س اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو مقالا مخزن_ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو فيبروري 1988ع
14. MISRA, S.C "Muslim Communities in Gujarat" Asia Publication House London P:57
15. Ibid _ P: 57
16. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي _ سنڌي ادب جي تاريخ _ عجائب اسٽورز سکر _ 1976 _ ص 24
17. مولائي شيدائي – تاريخ تمدنِ سنڌ – حيدرآباد – 1959ع – ص: 275
18. ساڳيو ص 172
19. لفظ خواجا پارسي آهي جنهن جي معنيٰ آهي هُنرمند، پڙهيل، واپاري يا ڊاڪٽر. هيءُ لفظ بعد ۾ ڦري خوجا يا کوجا ٿيو.
20. الانا، غلام علي ڊاڪٽر لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ڇپائيندڙ ڄامشورو – 1977ع – ص: 195
21. نجم الغني، مولوي – مذهبِ اسلام – ص: 324
22. چنارا، علي محمد – نور مبين – بمبئي – 1977ع – ص: 496
23. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي – سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ-ڄامشورو – 1983ع – ص: 48
24. الانا، غلام علي ڊاڪٽر لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو – 1977ع – ص: 195
25. پين اسماعيلي مبلغن جي ڪلام ڪي ٻہ گِنان چيو ويندو آهي.
26. جوڻيجو، عبدالجبار ڊاڪٽر مقالو – قديم سنڌي شعر تي هڪ نظر – سوڪڙي مخزن ڄامشورو – ص: 74
27. الانا، غلام علي ڊاڪٽر لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو – 1977ع – ص: 195
28. الانا، غلام علي – لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو – 1977ع – ص: 97 – 196
29. الانا، غلام علي ڊاڪٽر لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو – 1977ع – ص: 98 – 197
30. ميمڻ، عبدالمجيد – سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ – ڄامشورو – 1983ع – ص: 50
31. الانا، غلام علي ڊاڪٽر مقالو – سنڌي صورتخطي – سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد – 1964ع – ص: 4
32. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ – ڄامشورو – 1983ع – ص: 65
33. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي- سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ – ڄامشورو – 1983ع – ص: 65
34. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي- سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ – ڄامشورو – 1983ع – ص: 66
35. الانا، غلام علي ڊاڪٽر- لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو – 1977ع – ص: 198
36. الانا، غلام علي ڊاڪٽر لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو – 1977ع – ص: 99 – 198
37. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي سنڌي ادب جي مختصر تاريخ – سکر – 1976ع – ص: 25
38. الانا، غلام علي ڊاڪٽر لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو – 1977ع – ص: 173
39. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي- سنڌي ادب جي مختصر تاريخ – سکر 1976ع – 25
40. الانا، غلام علي ڊاڪٽر- لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو 1977ع – ص: 174
41. الانا، غلام علي ڊاڪٽر- لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو 1977ع – ص: 174
42. الانا، غلام علي ڊاڪٽر- لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو 1977ع – ص: 174
43. الانا، غلام علي – لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ – ڄامشورو 1977ع – ص: 174